## انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن لاءِ جنسي رويي متعلق اصول

انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن **کي تربيت ڏني سگهجي ٿي – ايتري تائين جو نوڪري تان به لاهي سگهجي ٿو – جيڪڏهن انهن ۾ جنس متعلق ڪو به ناقابل قبول رويو ڏسڻ ۾ اچي.** انهن کي هنن اصولن تي لازمي طور عمل ڪرڻ گهرجي.

- انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن **کي 18 سالن کان گهٽ عمر جي ڪنهن به فرد سان جنسي تعلقات رکڻ جي اجازت نه آهي، چاهي انهن جي ملڪ ۾ قانون طرفان اهو جائز هجي.** بعد ۾ اهو چوڻ ته انهن کي ان فرد جي اصل عمر جي خبر نه هئي، قابلِ قبول عذر ناهي.

- انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن **کي ان ڳالھ جي بلڪل اجازت ناهي ته اهي جنسي تعلقات جو بدلو پئسن، روزگار، سامان يا خدمتن ذريعي ادا ڪن** – جنهن ۾ اهو سامان ۽ خدمتون شامل آهن جيڪي ضرورتمند ماڻهن جي مدد لاءِ آهن. انهن کي انهن شين جا واعدا نه ڪرڻ گهرجن ته جيئن ٻين ماڻهن کي اهڙو رويو قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن جنهن سان انهن جي تذليل ٿئي يا انهن جو استحصال ٿئي. هن ۾ ڪنهن طوائف سان جنسي تعلقات لاءِ پئسا ڏيڻ يا پيش ڪرڻ شامل آهي.

- انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن کي اهو اثر و رسوخ حاصل هوندو آهي ته ڪير سامان ۽ خدمتون حاصل ڪندو. ان طرح سان هو ضرورتمند ماڻهن جي نظر ۾ طاقتور جي حيثيت رکندا آهن. انهيءَ ڪري، انساني حقن جون تنظيمون **عملي کي زور ڀرين ٿيون ته هو ڪنهن به اهڙي انسان سان جنسي تعلق نه رکن جيڪو انسانن جي هنگامي حالتن سبب متاثر** ٿيو هجي. اهڙا تعلق انسانيت جي لاءِ جاکوڙ جي عمل کي بي ايمان ۽ ناقابل اعتبار ظاهر ڪندا آهن.

- جيڪڏهن انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ **پريشان آهي يا ان کي شڪ آهي** ته انهن جي تنظيم مان ڪير يا ٻي ڪنهن امدادي تنظيم مان ڪير جنسي روين جي انساني اصولن جي ڀڃڪڙي ڪري سگهي ٿو، ته انهن کي انهن جي ايجنسي طرفان ترتيب ڏنل **طريقين** تي عمل ڪندي **لازمي طور** ان جي اطلاع ڏيڻ گهرجي.

- انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙن کي هڪ اهڙو ماحول **لازمي طور تخليق ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ** گهرجي جيڪو ناقابل قبول جنسي رويي کي روڪي ۽ عملي تي زور ڏئي ته هو پنهنجي **ضابطه اخلاق** ۾ بيان ٿيل اصولن مطابق هلن. **سڀئي مئنيجر** اهڙن نظامن جي حمايت ڪرڻ ۽ انهن کي تيار ڪرڻ جا ذميوار آهن جيڪي اهڙي ماحول کي برقرار رکن.

جنسي استحصال ۽ بدسلوڪي تي IASC اصول هتي موجود آهن:
.http://www.pseataskforce.org/uploads/tools/sixcoreprinciplesrelatingtosea_iasc_english.doc
هي سادي ٻولي وارو نسخو، متاثر ٿيل آبادي جي احتساب ۽ جنسي استحصال ۽ بدسلوڪي کان تحفظ تي، IASC ٽاسڪ ٽيم ۽ ٽرانسليٽرز وتھ آئوٽ بوربرز جي ڀاڱ ۾ تعاون سان تيار ڪيو ويو.